# نيڪي

مُحمّد صديق ”مسافر“ پهرين اپريل 1879ع تي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو بلال هو، جيڪو پوءِ بدلائي گلاب رکيو ويو. ”مسافر“ پهرين مڪتب ۾ ۽ پوءِ اسڪول ۾ پڙهيو.

ورنيڪيولر فائنل پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ماستر ٿي پرتي ٿيو. هُو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد پڻ ٿي رهيو. ”مسافر“ سنڌي ٻوليءَ جو اعليٰ اديب ۽ شاعر آهي. نثر ۽ نظم ۾ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. ”ڪُليات مسافر“ ۽ ”گلشن خيال“ سندس شاعريءَ جا ڪتاب آهن. ”مسافر“ 1961ع ۾ وفات ڪئي.

## دل

جو قلب ڪرم لطف عطا جو گهر ٿيو،
ٿي جاءِ تسليم جي رضا جو گهر ٿيو؛
نيڪيءَ جي بني جاءِ ”مسافر“ جا دل،
سا دل ته قسم رب جو خدا جو گهر ٿيو!

## نيڪي

مون سان جي ڪٿي ڪو به بُرائي ٿو ڪري،
دل منهنجي بُرائيءَ مان نه ته به ان ڏي وري؛
آءٌ ان سان به دل سان ڪندس پيو نيڪي،
توفيق جو هٿ شال خداوند ڌري!

## نياز ۽ نوڙت

جي توکي "مسافر" ارجمندي گهرجي،
جي توکي دنيا ۾ حق پسندي گهرجي؛
وٺ جان ۽ دل سان خاڪساريءَ جي واٽ،
نِوڙي هل جي توکي بلندي گهرجي!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر خدا جو گهر ڪهڙي دل کي ٿو سڏي؟
2- ٻيو نمبر رباعيءَ ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي؟
3- بلندي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر ڪهڙي صلاح ٿو ڏئي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

قلب – رضا – توفيق – ارجمندي – نِوڙي.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

ڪرم – نيڪي – بلندي – برائي.

(د) "هُو" "هُن" ضمير اشارو ڏور لاءِ ڪم ايندا آهن، توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.